SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2003
# SINDH ACT NO.III OF 2003
# سنڌ ماليات ايڪٽ، 2003
# THE SINDH FINANCE ACT, 2003

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment in Act II of 1899

3. 1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم
Amendment of W.P.Act V of 1958

4. 1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي ترميم
Amendment of Sindh Act XXVI of 1974

5. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act VII of 1977

6. 1977 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 9 جي ترميم
Amendment of Section 9 of Sindh Act VII of 1977

7. 2000 جي آرڊيننس XII جي پهرين شيڊول جي ترميم
Amendment in First Schedule to Ordinance XII of 2000

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2003

# SINDH ACT NO.III OF 2003

## سنڌ ماليات ايڪٽ، 2003

## THE SINDH FINANCE ACT, 2003

[8 جولاءِ 2003]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز ۾ ڇوٽ فراهم ڪئي ويندي ۽ معقول بڻايو ويندو ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ ڪجهه ٽيڪسز ۽ ڊيوٽيز ۾ ڇوٽ فراهم ڪرڻ ۽ معقول بڻائڻ ۽ ڪجهه قانونن ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت جوڙيو پيو وڃي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ماليات ايڪٽ، 2003 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ پهرين جولاءِ 2003 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1899 جي ايڪٽ II جي ترميم
Amendment in Act II of 1899

2. اسٽيمپ ايڪٽ، 1899 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي شيڊول I ۾:

(i) آرٽيڪل II جي ڪالم 2 ۾، انگ "5" لاءِ انگ "3" متبادل ٿيندو؛

(ii) آرٽيڪل 20 جي شق (a) جي ڪالم 2 ۾، انگ "5" لاءِ انگ "3" متبادل ٿيندو؛

(iii) آرٽيڪل 20 جي شق (b) جي ڪالم 2 ۾، لفظن "شق (a) ۽ ان کان مٿي ۾ طئي ڪيل ڊيوٽي جي چوٿائي" لاءِ لفظ

"ويلوئيشن ٽيبل موجب ڪنوينس (نمبر 16) ۾ طئي ڪيل اوڳاڙي لائق ڊيوٽي جو ڏهون حصو" متبادل ٿيندا.

(iv) آرٽيڪل 25 جي ڪالم 2 ۾، انگ "4.5" لاءِ انگ "1" متبادل ٿيندو؛

(v) آرٽيڪل 29 جي ڪالم 2 ۾، انگ "2" لاءِ انگ "1" متبادل ٿيندو.

1958 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ V جي ترميم

Amendment of W.P.Act V of 1958

3. سنڌ شهري غير منقول ملڪيت ٽيڪس ايڪٽ، 1958 جي دفعه 4 ۾:

(a) شق (c) ۾:

(i) ذيلي شق (ii) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(ii) رهائشي مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ عمارت جيڪا هڪ سئو ويهه چورس گز کان وڌيڪ رقبي واري پلاٽ تي تعمير ٿيل نه هجي."؛

(ii) ذيلي شق (iii) ۾، لفظن "ٽي سئو ۽ پنجاهه چورس فٽ" لاءِ لفظن "ڇهه سئو چورس فٽ" متبادل ٿيندا.

(b) شق (g) ۾ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(g) عمارتون ۽ زمينون، جن جو ساليانو ملهه چوويهه هزار رپين کان وڌيڪ نه هجي، جيڪي بيواهن، نابالغ يتيمن، مستقل معذور ماڻهن ۽ وفاقي ۽ صوبائي حڪومت جي رٽائرڊ ملازمن جي مالڪي ۾ هجن؛".

1974 جي سنڌ ايڪٽ XXVI جي ترميم

Amendment of Sindh Act XXVI

4. سنڌ اسيمبلي ميمبرز (پگهارون ۽ الائونسز) ايڪٽ، 1974 ۾:

(i) دفعه 3 ۾، لفظن "چار هزار ۽ پنج سئو" لاءِ لفظ "ڏهه هزار" متبادل ٿيندا؛

(ii) دفعه 3_A ۾، لفظن "ٻه هزار" لاءِ لفظ "ٽي هزار" متبادل

of 1974

ٿيندا؛

(iii) دفعه 4 ۾ لفظن "چار سئو" لاءِ لفظ "پنج سئو پنجاهه" ۽ لفظن "ٻه سئو ۽ پنجاهه" لاءِ لفظ "چار سئو" متبادل ٿيندا؛

(iv) دفعه 4_B ۾ لفظن "هڪ هزار" لاءِ لفظ "هڪ هزار ۽ پنج سئو" متبادل ٿيندا؛

(v) دفعه 6 ۾ لفظن "چار هزار" لاءِ لفظن "پنج هزار" متبادل ٿيندا.

سنڌ جي 1977 ايڪٽ VII جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act VII of 1977

5.سنڌ فنانس ايڪٽ، 1977 جي دفعه 8 ۾ ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(1) هوٽلن تي هڪ ٽيڪس لڳائي ويندي جنهن کي هوٽل ٽيڪس سڏيو ويندو، جيڪو ماليت جي مطابق بنياد تي هوندو، جيڪو في ماڻهو تي هڪ ڏينهن لاءِ رهائش واري ڪمري جي ڪرائي جي ست سيڪڙو ملهه برابر هوندو، مجموعي طور تي سمورن ماڻهن جي پنجويهه سيڪڙو برابر فليٽ ريٽ تي، هوٽل چارجنگ هڪ سئو رپيا يا ان کان مٿي.".

سنڌ جي 1977 ايڪٽ VII جي دفعه 9 جي ترميم

Amendment of Section 9 of Sindh Act VII of 1977

6.سنڌ فنانس ايڪٽ، 1994 جي دفعه 9 جي ذيلي دفعه (1) ۾ آخر ۾ اينڊ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون شرطيه بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ سون تي وياج سون جي ملهه جي 0.125 سيڪڙو جي حساب سان اوڳاڙيو ويندو.".

2000 جي آرڊيننس XII جي پهرين شيڊول

7.سنڌ زمين ٽيڪس ۽ زرعي پيداوار ٽيڪس آرڊيننس، 2000 ۾ ان جي پهرين شيڊول ۾ عنوان "استثنيٰ" هيٺان

جي ترميم
Amendment in First Schedule to Ordinance XII of 2000

لفظن “ٻارنهن” ۽ “چوويهہ” لاءِ لفظ “سورنهن” ۽ “ٻٽيهہ” ترتيبوار متبادل ٿيندا.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**